ڈاڪٽر احسان دانش

جديد ٽيڪنالاجي جي دور ۾ مادري ٻولين جي واڌ ويجھ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال

Abstract:

The Growth of Mother Languages in the Age of Modern Technology and the State of Sindhi Language

All the languages of the world are mother tongues as they are spoken by mothers. According to an estimate, more than seven thousand languages are being spoken all over the world at present. But in the last few decades hundreds of languages have become extinct. There are many reasons behind the extinction of languages but the biggest of them is their speakers abandoning those languages. Many languages spoken in Pakistan are on ventilator because their speakers are not more than a few hundred.

Digital technology is very essential in this age of globalization. Digitalization has helped create a network of communication, which has made this world a global village.

Sindhi language is one of the richest literary languages of the subcontinent, its vocabulary is vast and its literary treasure is outstanding. Its status is far more superior to many other languages of the region. But if proper care is not taken it will have to face all the prevalent dangers facing other languages.

It is a matter of great pleasure that Sindhi language was registered with Unicode and ISO twenty-four years back in 2000, therefore in addition to the creation of websites in Sindhi language as per international standards; all those operations can be conducted in it, which guarantee the progress of a language in future. It is a great achievement that Sindhi language has been selected for Wiki-tongues, Google Earth, Universal Dependency and Universal Grammar.

Sindhi language is ready to face myriad challenges of digitalization in this machine age but government needs to patronize it both on provincial and federal level. It must be given the status of national language and the institutions working for the progress of language may be strengthened with modern technological resources.

This research article focuses on the rich literary resources of Sindhi language and its potential to face huge challenges to grow in this age of technology.

Key words: digitalization, globalization, extinction, communication, vocabulary.

قديم دور کان جديد دور تائين انسان جي اظهار جا الڳ الڳ وسيلا رهيا آهن. ڪڏهن هن لکيرن ۽ نقشن وسيلي پنهنجي احساسن جو اظهار ڪيو آهي ته ڪڏهن سُر، ۽ ساز ذريعي، ڪڏهن راڳ ۽ رقص جو سهارو ورتو آهي ته ڪڏهن وري سنگ تراشيءَ جو.... پر اظهار جي انهن سمورن وسيلن کان سگهارو ۽ اثرائتو وسيلو ٻولي آهي. ٻولي، جنهن ۾ لفظَ، اُچارَ ۽ آواز هوندا آهن. آوازن جا لاها چاڙها، لفظن جا اُچار ۽ انداز انساني ڪيفيتن کي پڌرو ڪندا آهن. لفظَ ڪڏهن ريشم کان نرم ۽ ڪومل هوندا آهن ته ڪڏهن ٿوهر جيان ڪنداوان ۽ ڪُهرا.

ٻولي ئي آهي، جيڪا انسان کي ٻين جاندارن کان مختلف ۽ منفرد بڻائي ٿي ۽ ڪيس حيوان ناطق جو درجو ڏئي ٿي. "ٻولي رڳو اظهار جي طريقي جو نالو نہ آهي، ٻولي ته هڪ اهڙي طاقت آهي، جا پنهنجي ڳالهائيندڙن جي خيالن کي ضابطي

هيٺ رکي ٿي ۽ انهن لاءِ سهاويڪ طريقا مهيا ڪري ٿي، ته جيئن اُهي پنهنجن خيالن کي سلسليوار ۽ ترتيبَ سان بيان ڪري سگهن.“[1] ڪنهن ب هوليءَ جي جنم جي جاءِ سماج آهي، جوته هوليءَ جو ناهيندڙ ڪو هڪ فرد، ڪو عالم، استاد يا ڏاهو نه ٿو ٿي سگهي. هوليون پنهنجي فطري ارتقا سان اڳتي وڌنديون آهن، جنهن ۾ سماج جو وڏو اهم ڪردار هوندو آهي ۽ هولين جي بقا جي جنگ ۾ سماج جو وڏو هٿ هوندو آهي. ڪنهن ب سماج جي تهذيبَ ۽ ثقافت ان سماج جي هوليءَ جي اوسر ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندي آهي. ڊاڪٽر الهداد هوهيي لکيو آهي ته، ”هولي پنهنجي سماج جي سيني ماڻهن (Social Groups) جي من (Mind) ۽ ذهن (Thinking) جي اها تحريڪ آهي، جيڪا پاڻ سدا جوان ۽ سرگرم رهي ٿي ۽ پنهنجي سماج جي ذهني تحريڪ کي قائم رکي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو چين جي ديوار کان چين جي هولي گهٽي برتر آهي، ان ڪري هوليءَ جو تعلق اهڙو نه آهي، جهڙو چين جي ديوار ۽ سماج جو... هولي سماج جي سچي ۽ امر قوت آهي... هولي پنهنجي سماج جي گڏيل سوچ (Collective thinking) جي لفظي صورت آهي... هولي ڪنهن سماج جي سڃي ساري ’تاريخ‘، ’داستان‘ (Legend) يا ’مها ڪهاڻي‘ آهي، جيڪا صدين، دورن ۽ زمانن کان بي نياز، پنهنجي سماج جي اتم صلاحيت (Genius) جي اصول تي ڪم ڪري رهي آهي.... سماج کي هوليءَ سان سجاتو ويندو آهي ۽ هوليءَ کي سماج سان. هولي سماج جو اهجاڻ (Symbol) آهي ۽ سماج هوليءَ جو. هوليءَ جو تصور (Concept) ب سماج جي تصور وانگر منفرد ۽ واحد آهي.“[2] اهو ضروري ناهي ته جنهن سماج ۾ هوليءَ جو جنم ٿيو آهي ۽ جنهن سماج ۾ اُها نپني ۽ جوان ٿي آهي، اها ان سماج سان گڏ انهيءَ تيزيءَ سان ارتقائي مرحلا طئي ڪري سندس هم عمر ٿي وڃي. ڪن صورتن ۾ سماجي اوسر جي مرحلن ۾ هوليون پنهنجو وجود وڃائي ب ويهنديون آهن ۽ سماج ترقي ڪندي اڳتي وڌي ويندو آهي ۽ اتي وري ڪي ٻيون هوليون پنهنجي جاءِ ناهي وٺنديون آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا بلڪل درست لکيو آهي ته ”ڪوب سماج ۽ ان سماج ۾ ڳالهائي ويندڙ هولي، ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم هوندا آهن. ان جي باوجود، اهو سماج ۽ ان سماج ۾ رائج هولي، هم عصر يا هم عمر ٿي نه سگهندا آهن، ڇاڪاڻ ته ڪڏهن ڪڏهن اهو سماج ته برقرار ۽ زنده رهندو آهي، پر ان سماج ۾ ڪم ايندڙ اها هولي، ختم ٿي ويندي آهي، جيئن سنسڪرت هولي، لاطيني هولي يا ڪيلٽڪ هولي اڄ وجود ۾ نه آهن.“[3]

هولين جو جنم ۽ هولين جو موت انساني وجود وانگر ئي آهي. ڪي ماڻهو سَهر ۽ صحتمند هوندا آهن ته ڪي ايرا، نهل ۽ ڪمزور. ائين ئي هوليون ب ڪنهن انساني وجود وانگر سگهاريون ۽ ڪمزور ٿيندیون آهن. جيئن انساني وجودَ نسلن جي واڌاري جو سبب آهن، تئين ئي هڪڙيون ڇايل هوليون جوان ٿي وري ٻين هولين کي جنم ب ڏين ٿيون ۽ انهن جي واڌ ويجهه ۾ ڪردار ادا ڪن ٿيون. هوليون پيدا ٿيندیون آهن، وڏيون ٿيندیون آهن، پوڙهيون ب ٿيندیون آهن ۽ فنا ب ٿي ويندیون آهن. دنيا جون اُهي هوليون ئي سدا زنده رهنديون ۽ امرتا ماڻيندیون آهن، جيڪي پنهنجي سماج ۽ ثقافت سان جُڙيل هوندیون آهن، ۽ جن جا ڳالهائيندڙ هر صديءَ ۾ ان جي آبياري ڪندا رهندا آهن. ”دنيا اندر قومن جي سڃاڻپ جو گهٽو تڻو دارومدار هولين تي ئي رکيل آهي، جيڪڏهن اڄ ڪو ننڍي هوليءَ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي ته ان جو مطلب اهو نه آهي ته هو وڏين هولين سان سڌي ريت مقابلو ڪري رهيو آهي، پر هوليءَ کي عالمي ليول تي پذيرائي ونڊائڻ جو مطلب اهو آهي ته هر هوليءَ ۾ ڪجهه خاص هوندو آهي، جيڪو ٻين هولين ۾ نه هوندو آهي. اهڙي ريت هو دنيا کي ٻڌائڻ چاهيندو آهي ته اسان وٽ انسانيت جو ورثو هن مخصوص صورت ۾ موجود آهي، ان بعد مادري زبان جي طاقتور حيثيت وڏن وڏن دانشورن کي مجبور ڪري ٿي ته هو جيستائين ڪنهن ب سماج کي ان جي مادري هوليءَ ۾ سکيا نه ڏين تيستائين ان مان سو سيڪڙو نتيجا ملڻ ناممڪن آهن. اهڙي ريت بغير وقت وڃائڻ جي جيڪڏهن ڪو پنهنجي گهر، ڳوٺ، علاقي توڙي ڏيهه ۾ علم جي روشني ڦهلائڻ گهري ٿو ته ان جو شروعاتي ۽ لازمي ذريعو مادري زبان ئي آهي. تاريخ جي هر ايجاد سان هولين جي بقاءَ واڌ ويجهه جي مسئلي کي سامهون رکندي ان ايجاد جون مخالفتون يا حمايتون ڪيون ويندیون آهن.“[4] هونءَ ته دنيا جون سموريون هوليون مادري هوليون آهن، جو ته اُهي سڀ هوليون مائرون ڳالهائين ٿيون پر انهن مان ڪن هولين کي بين الاقوامي هولين واري حيثيت حاصل آهي ته ڪن هولين کي الڳ الڳ ملڪن جي قومي هوليءَ جو درجو مليل آهي. ڪي هوليون گهٽيون ڪُهنيون ۽

قديم آهن تہ کي وري ننڍي عمر رکندڙ. اهڙي طرح دنيا جون کي هولين هزارين سالن کان قائم آهن ۽ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري رهيون آهن تہ ساڳي وقت ڪجھ هوليون فنا جي رستي تي هلندي هميشہ لاءِ ختم ٿي رهيون آهن. هڪ محتاط اندازي مطابق هن وقت دنيا جي تختي تي ست هزار کان وڌيڪ هوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، پر گذريل ڪجھ سالن ۾ سوين هوليون پنهنجو وجود وڃائي چُڪيون آهن. روزاني اخبار جنگ لاهور جي 9 فيبروري 2009ع واري شماري ۾ شاهين حسين جي هڪ رپورٽ شايع ٿي جنهن ۾ هن ٻڌايو هو تہ "آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس جي هڪ تحقيق موجب سڄيءَ دنيا ۾ هاڻي 6712 هوليون ڳالهايون ويندیون آهن، جڏهن تہ گذريل 500 سالن ۾، تقريباً ايتريون ئي هوليون ختم ٿي ويون. عالمي سطح تي هولين جو ڪُل تعداد، انهن جي ڳالهائيندڙن جو تناسب هڪ جھڙو نہ آهي. صرف 75 هوليون اهڙيون آهن، جن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد، هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ آهي..... سڀ کان وڌيڪ ڳالهايون ويندڙ هوليون، چيني، هسپانوي (اسپينش)، انگريزي، هندي (اردوءَ جي ڳالهائيندڙن جي تعداد سميت)، پورچگالي، بنگالي، روسي، فرينچ ۽ عربي هولي آهن. جڏهن تہ دنيا جون 80 سيڪڙو هوليون، صرف ويهن ملڪن ۾ ڳالهايون ويندیون آهن. اهڙي طرح دنيا ۾ 204 هولين جا ڳالهائيندڙ ماڻهو، هاڻي صرف ڏهن ڏهن فردن کان ٿورو وڌيڪ ماڻهن تي مشتمل آهن؛ 344 هولين جي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو تعداد، هاڻ ڏهن کان 99 فردن جي وچ تي وڃي بچيو آهي."[5]

دنيا ۾ ڳالهائجندڙ هولين جو حتمي انگ هن وقت تائين طئي نہ ٿي سگهيو آهي. انٽرنيٽ وسيلي مليل تازي معلومات مطابق هن وقت سڄي دنيا ۾ ڳالهائجندڙ هولين جو انگ 7000 آهي، پر ڪن اهو انگ ان کان گهٽ تہ ڪن وري وڌيڪ ٻڌايو آهي.

"ماهرن موجب دنيا ۾ ڳالهائجندڙ هولين مان 90 سيڪڙو هوليون اهڙيون آهن جن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد هڪ لک کان گهٽ آهي، جڏهن تہ 150 کان 200 هوليون اهڙيون آهن جن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد ڏهن لکن کان مٿي آهي."[6] دنيا جون ڪجھ وڏيون هوليون جن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد ڪروڙن ۾ آهي انهن ۾ انگريزي، چيني، اسپيني ۽ فرانسيسي سان گڏ اردو ۽ سنڌي ٻہ شامل آهن. اهي ۽ اهڙيون ئي ڪجھ هوليون آهن، جيڪي ٽيڪنالاجي جي وڌندڙ رفتار سان گڏ هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن.

"گڏيل قومن واري اداري جي انفارميشن سينٽر جي انگن اکرن مطابق دنيا ۾ ۾ 8 هزار هوليون ڳالهايون ويندیون هيون. جڏهن تہ هاڻي اهي زبانون آهستي آهستي گهٽجي رهيون آهن. ڪل ڳالهائجندڙ زبانن جو اڌ حصو اهڙين زبانن تي مشتمل آهي، جيڪي 10 هزار ماڻهن کان وڌيڪ استعمال ۾ نہ پيا آڻين. هن دنيا ۾ ڳالهاجندڙ 6912 زبانن منجهان 516 کي خطرو لاحق آهي. زماني جي جدت ۽ سرڪاري زبانن جي وڌندڙ استعمال سان مادري هولين جي اهميت گهٽجي رهي آهي. دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ هوليون پاپوانيوگني ۾ ڳالهايون ويندیون آهن، جتي دنيا جي ڪل هولين جو 13 سيڪڙو يعني 850 هوليون ڳالهايون وڃن ٿيون."[7]

مشهور ويب سائيٽ visualcapitalist.com مطابق، "هن وقت دنيا جي 7،168 زنده زبانن مان 3،078 (43%) زبانون خطري هيٺ آهن. 88 ڪروڙ ماڻهو خطري هيٺ آيل هوليون ڳالهائي رهيا آهن. دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ خطري هيٺ آيل هولين وارو ملڪ انڊونيشيا آهي، جتي خطري هيٺ آيل هولين جو انگ 425 آهي."[8] تازي تحقيق مطابق هن وقت دنيا ۾ "357 هوليون اهڙيون آهن، جن جا ڳالهائيندڙ 50 کان ٻہ گهٽ آهن. جڏهن تہ 46 هوليون اهڙيون آهن جيڪي ايندڙ ڪجھ ئي سالن ۾ ختم ٿي ويندیون ڇوتہ انهن جو ڳالهائيندڙ رڳو هڪ هڪ انسان ئي وڃي بچيو آهي."[9]

هولين جي مِٽجڻ ۽ مرڻ پٺيان ڪيئي سبب آهن پر سڀ کان وڏو سبب ان هوليءَ جي ڳالهايندڙن جو ان هوليءَ کي ڇڏي ڏيڻ آهي. جيڪڏهن ڪنهن سماج ۾ مادري زبان کي هڪ نسل کان ٻي نسل تائين منتقل نہ ڪبو تہ ان زبان جو آهستي آهستي ساهُ گهُٽبو ويندو ۽ نيٺ اها صفحہءِ هستيءَ تان مِٽجي ويندي. حقيقت ۾ مادري هولين جا ڳالهائيندڙ انهن جي آڪسيجن آهن، ان ڪري انهن جي زندگيءَ لاءِ انهن جي ڳالهائيندڙن جو هجڻ لازمي آهي. هوليءَ سان ڪنهن فرد يا سماج

جو رڳو ڳالهائڻ جي حد تائين ئي تعلق رکڻ ۾ ڪافي ناهي. ”دنيا جي اڪثر سماجي لسانياتدانن جو چوڻ آهي ته ٻوليءَ جي واڌ ويجهه يا جياپو ان ڳالهه تي نه آهي ته ان جا ڪيترا ڳالهائيندڙ آهن پر ان ڳالهه تي آهي ته انهن ۾ ڪيترو چاهه ۽ رابطو آهي. اها مڃيل حقيقت آهي ته ٻولي تڏهن ئي وڌندي ويجهندي جڏهن ان جا ڳالهائيندڙ، ان کي منظم رکڻ جا خواهشمند هوندا ۽ ان کي ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل ڪرڻ گهرندا. ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ کي منظم رکڻ لاءَ ضرور جدوجهد ڪندا جڏهن انهن کي ان ڳالهه جو علم ٿي ويندو ته ٻولي نه صرف انهن جي ابن ڏاڏن جي رهٽي ڪهٽيءَ ۽ ماضيءَ جو حصو آهي پر سندن مستقبل جو به اڻ ٽٽ حصو آهي.“[10] مٿين انگن اکرن مطابق هن وقت به دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ڪيترين ئي ٻولين کي مرندڙ ٻولين جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي ۽ ان فهرست ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي. هڪ اندازي مطابق ايندڙ ويهه سالن ۾ لڳ ڀڳ پنج سو ٻولين جو هڪ به ڳالهائيندڙ نه بچندو ۽ اُهي مڪمل طور فنا ٿي ويندیون. اقوام متحده جي مٿين رپورٽ مطابق ’دنيا ۾ ڳالهايون ويندڙ 43 سيڪڙو ٻوليون فنا جي ويجهو آهن.‘ ان موت جو هڪ وڏو سبب ٽيڪنالاجي جو طوفان به هوندو، جيڪي ٻوليون جديد ٽيڪنالاجي سان هم قدم نه هونديون سي ختم ٿي ويندیون. خود پاڪستان ۾ ڳالهايون ويندڙ ڪيترين ئي ٻوليون اڄ وينٽيليٽر تي پيل آهن، جوتا انهن جي ڳالهائيندڙن جو انگ هاڻي ڪجهه سَون ۾ وڃي بچيو آهي. پاڪستان ۾ ڳالهائي ويندڙ هڪ مادري زبان اهڙي به آهي جنهن جا ڳالهائيندڙ رڳو ٻه سو ماڻهو بچيا آهن ۽ ان ٻولي جو نالو آهي ’ارسوني وار‘. اهڙي صورتحال ۾ مادري ٻولين جي بچاءَ لاءِ اپاءَ ونڊ بيحد ضروري آهن. سن 1999ع ۾ جڏهن پهريون پيرو مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جي تجويز رکي وئي ته ان وقت شايد اهو احساس ڪونه هو ته دنيا ۾ ڪيڏي تيزيءَ سان مادري ٻولين جو خاتمو ٿي رهيو آهي. جڏهن هڪ رپورٽ مطابق انهن ٻولين جي خاتمي جا انگ اکر سامهون آيا ته گڏيل قومن واري اداري جي ميمبرن جي حيرت جي حد نه رهي ۽ اهڙي طرح سن 2000 کان سڄي دنيا ۾ 21 فيبروري کي مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن طور ملهائڻ شروع ڪيو ويو. ان ڏينهن تي مادري ٻولين جي بچاءَ لاءِ حڪمت عملي جوڙي ويندي آهي. پاڪستان ۾ به مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن تي ڪانفرنسون ۽ سيمينار ڪوٺائي عالمن ۽ اديبن کان انهن جي بچاءَ لاءِ تجويزون ورتيون ويندیون آهن، پر حقيقت ۾ مادري ٻولين جي بچاءَ ۾ سڀ کان اهم ڪردار انهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن سان گڏ وقت جي سرڪار ادا ڪري سگهي ٿي.

اسان پنهنجي سماجي ڍانچي ۾ ڏسنداسين ته اسان جي سماج ۾ ڪن ٻولين جي اجائي اجاره داري به نظر ايندي ۽ اهڙين ٻولين جي اهميت وڌائڻ ۽ ٻين مادري ٻولين جي اهميت گهٽائڻ لاءِ ٻين حربن سان گڏ مذهبي دليل به گهڙيا ويندا آهن. ان حوالي سان ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو ته ”پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي مسئلي کي مُنجهائڻ خاطر، ڪن ٻولين کي مذهب جي آڙ، قومي ٻڌي ۽ حب الوطني جي نالي ۾ نه صرف تحفظ ۽ ترقي ڏيڻ جون ڪوششون ٿيندیون رهيون آهن، پر ٻين قومي ٻولين تي مڑهڻ جي ڪابه ڪثر نه ڇڏي وئي آهي. مولانا ٿانوي جي هي فتويٰ ته ’هن وقت اردو ٻوليءَ جي حفاظت دين جي حفاظت آهي، تنهن ڪري هن جي حفاظت لاءِ وسَ آهر ڪوشش ڪرڻ خدا جي اطاعت (حڪم جي بجا آوري) جي برابر آهي ۽ ان ۾ غفلت ڪرڻ وارن جو آخرت ۾ ڇاڻو ٿيندو.‘ ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ ۽ انهن جي مذهبي جذبن کي پڙڪائڻ کان علاوه، ٻين ٻولين ڳالهائيندڙن جي جذبن سان کيڏڻ ۽ ٻين ٻولين جي حقن ۽ اهميت کان انڪار ڪرڻ برابر آهي.“[11] پاڪستان ۾ جيتريون به مادري ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، انهن مان هر هڪ جي پنهنجي اهميت آهي ۽ هن ڊجيٽلائيزيشن جي دور ۾ انهن جي ترقي ۽ حفاظت لاءِ حڪومتي سطح تي اپاءَ ونڊ وقت جي ضرورت آهي.

هن وقت سڄي دنيا ٽيڪنالاجي ۾ ترقي ڪري هٿرادو ذهانت (Artificial intelligence) جي شڪل اختيار ڪري سائبر ايج ۾ پهچي چُڪي آهي ۽ روبورٽ ٽيڪنالاجي ترقي ڪري رهي آهي، ان سڄي صورتحال ۾ مادري ٻوليون هڪ به واڌي تي موجود آهن. ٽيڪنالاجي جِي ترقي ڪٿي انهن جي اوسر کي متاثر ڪري رهي آهي ته ڪٿي انهن جي واڌ ويجهه ۾ مددگار به آهي. اسان جهڙا ٽين دنيا جا مُلڪ ٽيڪنالاجي جي ترقي جو ثمر ته حاصل ڪندا آهن پر پاڻ ان ۾ پاڳي پائيوار نه ٿيندا آهن. ان جو مثال موبائيل، ڪمپيوٽر ڊيسڪ ٽاپ، ليپ ٽاپ، سمارٽ فون، سمارٽ واچ، سمارٽ عينڪ، ٽيبليٽ وغيره

آهن، ان کان علاوه هن صديءَ جو وڏو سائنسي معجزو انٽرنيٽ آهي. انهن سمورن ڊوائيسز توڙي نيٽ جو اسان جهڙن ملڪن ۾ گهٽو تٽو هڪ رخو استعمال ٿيندو آهي. اڄ جڏهن دنيا ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي مدد سان زندگي آسان بٽائي چُڪي آهي، تڏهن به اسان وٽ گهٽو تٽو ڪمپيوٽر کي هڪ جديد ٽائيپ رائيٽر طور ڪتب آندو پيو وڃي، جنهن جو گهڻي ۾ گهٽو استعمال اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جي ڪمپوزنگ يا ڪجھ قدر مالياتي ۽ ڪاروباري استعمال جي حد تائين آهي. جيڪي نوجوان ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڊگريون وٺي اچن ٿا، اُهي بيشڪ جديد ٽيڪنالاجي جي اهميت کان واقف آهن ۽ کين ڪمپيوٽر جي حقيقي استعمال جو پتو آهي، پر ويب ڊزائيننگ، گرافڪس ۽ ڪجھ مخصوص پروگرامنگ کان سواءِ اهي به اڪثر لٽاڙيل رستن کي ئي لٽاڙڻ ۾ مصروف آهن ۽ پنهنجي هوليءَ جي واڌ ويجھ ۾ ٽيڪنالاجي جي استعمال جو کين مڙئي گهڻ ئي خيال ايندو آهي. جڏهن ته ڪمپيوٽر ڄاڻندڙ نوجوان هوليءَ جي ترقي ۽ مادري هولين جي بچاءَ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي کي بهتر نموني استعمال ڪري سگهن ٿا. مجموعي طور ڏسندا سين ته اسان ايندڙ دور جي چيلينجز کان گهٽو ڪري بي خبر آهيون. ”دنيا ۾ ته هٿ سان ٽيندڙ ڪمن جي جاءِ ڪمپيوٽر روبوٽس والاري ورتي آهي. نه رڳو اهو پر نگرانيءَ جھڙا ڪم پڻ ڪمپيوٽنگ ڊوائيسز وسيلي مختلف قسم جي سافٽويئرن جي مدد سان پاڻمرادو ٽيڻ لڳا آهن.“[12] ان صورتحال ۾ وري به انفرادي طور کي ماڻهو پنهنجي مادري هولي سنڌيءَ جي عشق سبب يا سائيبر ايج جي چيلينجز کي ڏسندي ان جي فنا ٽيڻ جي خطري کي محسوس ڪندي پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. ان سان گڏ بنھ ٿورا ادارا پنهنجي ان ذميداريءَ کي محسوس ڪندي اڳتي اچي رهيا آهن. هن گلوبلائيزيشن جي دور ۾ وڏيون هوليون ننڍيون مادري هولين کي کائي ختم ڪري رهيون آهن ۽ مادري هوليون ڏينهون ڏينهون سُڪڙجندي محسوس ٿي رهيون آهن. فنا جي راھ تي هلندڙ اهڙين مادري هولين کي بچائڻ لاءِ سائبر ورلڊ جو سهارو ونڻ بيحد ضروري آهي، جتي ورچوئل ٽيڪنالاجي ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي ٿي رهي آهي. ”دنيا جي ٻين هولين جا ڊولپر، گوگل جي مدد سان ڪمپيوٽر کي سندن هوليون ڳالهائڻ هولهائڻ سيکاري چُڪا آهن، جنهن ڪري ڪمپيوٽر سندن هولين ۾ ڏنل زباني حڪمن تحت ڪم سر انجام ڏي ٿو، جنهن ۾ ڪمپيوٽنگ ڊوائيسز، گوگل سرچ کان ويندي، ڊڪٽيشن رائيٽر کان ٽيندي، ڪمپيوٽر سڏي ڳالھ جي وراٽي ڏيڻ، شيڊيول ٺاهڻ ۽ انهن موجب مالڪ يا لاڳاپيل فرد سان ڳالھ هولھ جي قابل ٿي ويا آهن. هي هٿرادو ذهانت (Artificial Intelligence) جي تمام وڏي وڪَ آهي، جنهن کي، مستقبل جي روبوٽڪ سرشتي جو، سڏو سنئون ماڻهن سان ڳانڍاپو ليکيو پيو وڃي، جيئن جيئن، هي سرشتو ترقي ڪندو؛ تيئن تيئن، ڪمپيوٽنگ ڊوائيسز، خودڪار ٽيندڙون ويندڙون.“[13]

عالمگيريت جي دور ۾ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڊجيٽلائيزيشن وسيلي رابطن جو ڇار ڇهلجي رهيو آهي، جنهن ڪري دنيا گلوبل وليج يا عالمي ڳوٺ بڻجي چُڪي آهي. ”عالمگيريت جي ڪري دنيا سُسندي وجي پئي ۽ سرحدي رڪاوٽون ختم ٽيندڙون پيون وجن. ماڻهو انٽرنيٽ جي ڪري سرحدن جي پابندين کان آزاد پوري دنيا جي ماڻهن ۽ ادارن سان ڳنڊيل رهن ٿا. يورپ ۽ متحده آمريڪن رياستن United States of America پنهنجون سرحدون پنهنجن ماڻهن، واپار ۽ تعليم وغيره لاءِ کولي ڇڏيون آهن. اهڙيءَ طرح نئين معاشي پاليسيءَ تحت دنيا جا ٻيا ملڪ به ان پاليسيءَ تي عمل ڪرڻ لاءِ سوچي رهيا آهن، تنهن ڪري دنيا جي مختلف ثقافتن ۽ هولين جو هڪ ٻئي تي اثر پئجي رهيو آهي. غير ترقي يافته هوليون ۽ ثقافتون ختم ٽيندڙون يا مرندڙون پيون وجن. اُهي هوليون جن جي قومن تي کي وڏيون طاقتور قومون، گروهه يا ڏاريا حڪمران حڪومت ڪن ٿا سي عالمگيريت ۾ نه بچي سگهنديون، اُهي هوليون جيڪي اسڪولن ۾ نه ٽيون پڙهايون وجن يا انهن سان لاڳاپيل قومن جي هارن کي ڏارين هولين ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي سي هوليون پڻ ختم ٽيڻ واري خطري هيٺ رهن ٽيون. اُهي هوليون جن جي لسانيات جا ماهر گهٽ آهن يا نه آهن، اهي به خطري ۾ ئي رهن ٽيون. ان ڪري قومن کي سجاڳ ٽيڻ سان گڏ پنهنجين هولين کي بچائڻ جي عالمگير پاليسين يا اقوام متحده جي مشورن ۽ پاليسين تي عمل ڪرڻو پوندو.“[14] ان سڃي پس منظر ۾ جڏهن اسان پنهنجي مادري هولي سنڌي جي واڌ ويجھ جو جائزو ونڊندا سين ته به سڃي

صورتحال اسان جي سامهون اچي ويندي. جو تہ ٽيڪنالاجي جي وڌندڙ طوفان ۾ سنڌي ٻولي ايجا ابتدائي وکون کڻي رهي آهي، پر پوءِ بہ پاکستان جي انهن ٻولين ۾ شامل آهي، جن کي دنيا ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي وڏن ادارن قبوليت بخشي آهي.

ان ڳالهہ ۾ کو شک ناهي تہ سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي شاهوڪار ادبي ٻولين مان هڪ آهي ۽ ان جي وسيع لغت ۽ منجهس موجود ادبي ذخيرو شاندار آهي ۽ ان جي حيثيت خطي جي ٻين ٻولين کان گهٽي متانهين آهي، پر جيڪڏهن هلندڙ ۽ ايندڙ وقت ۾ ان جي مناسب پَرگهور نہ لڌي وئي تہ اها بہ انهن خطرن جي ور چڙهي سگهي ٿي، جن جو ذکر اسان مٿي ڪري چُڪا آهيون. خود سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ئي هڪ خطرناڪ مثال هندوستان ۾ بہ موجود آهي. جتي رهندڙ اديب، شاعر، دانشور ۽ پڙهيا ڳڙهيا سنڌي پنهنجي ٻوليءَ جي بقا جي جنگ وڙهي رهيا آهن. پارت ۾ انهن سنڌين جي مادري ٻولي اتان جي مرندڙ ٻولين جي لسٽ ۾ شامل ٿي وئي آهي، جنهن جو هڪ بنيادي سبب انهن جي نئين نسل جو پنهنجي مادري ٻوليءَ سان رشتو ٽٽي وڃڻ آهي. جيتوٽيڪ هندوستان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ملڪ جي ڪجهہ ٻولين جيان قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل آهي ۽ پارت سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ هڪ ادارو 'نيشنل ڪائونسل فار ڊولپمينٽ آف سنڌي لئنگئيج' (NCDSL) بہ قائم ڪيو آهي، جنهن کي سالياني ڪروڙين رپيا گرانٽ پڻ ڏني وڃي ٿي پر اتان جي چند شهرن کان سواءِ هاڻي سنڌين جي ٻارن کي سندن مادري ٻوليءَ ۾ تعليم نہ پئي ڏني وڃي. "پارت ۾ سنڌي ٻارن لاءِ وڏو مسئلو هي آهي تہ اُتي جيئن تہ سنڌي، ڪنهن بہ رياست جي ٻولي ڪانهي، انهيءَ ڪري جن جن شهرن ۾ سنڌي جاتي آباد ٿي آهي، اُتي شروع ۾ قائم ٿيل سنڌي اسڪول بہ آهستي آهستي بند ٿيندا ويا، ۽ ان کان سواءِ اڄ ڪلهہ شاگردن جو ڏيان اهڙن مضمونن طرف آهي، جن مضمونن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي سکڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. انهيءَ ڪري هاڻي پارت ۾ نئين پيڑهيءَ جو ڏيان سنڌي ٻولي سکڻ طرف بلڪل ڪونهي، ۽ ڪيترن ئي ڪٽنبن جي گهرن اندر، سنڌي ٻولي ڳالهائي بہ نہ ٿي وڃي."[15] انگريزي ۽ هندي جي غلبي سبب هاڻي اندیا جا سنڌي پنهنجي ٻوليءَ کان تيزيءَ سان ڌار ٿي رهيا آهن، جن مان ڪن ڪٽنبن کي تہ ان ڳالهہ جي ڳڻتي آهي پر گهڻا ان فڪر کان بہ آجا آهن، هو پنهنجي ماءُ ٻوليءَ کي وساري مارڪيٽ جي ٻوليءَ کي پنهنجو ڪري چُڪا آهن.

هڪ اندازي مطابق هن وقت پاکستان ۾ سڌ کان ستر جي وچ ۾ مختلف مادري ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. جن مان پنجابي، سنڌي، پشتو، بلوچي، سرائڪي ۽ اردو کي نمايان حيثيت حاصل آهي، جڏهن تہ ملڪ جي الڳ الڳ صوبن ۾ ڪيترين ئي ٻيون ٻوليون ۽ لهجا موجود آهن جن ۾ آجڑي، ارسوني وار، ايغور گهيرا، اوشوجي، اوڏڪي، براهوي، بلتي، بديشي، بشگالي، بروشسڪي، بٽيري، فارسي، هندڪو، پوٹوهاري، پارڪري، پهاڙي، پاپولا، شينا، ڪووار، وخي، تور والي، ڪوهستاني، ڪالامي، ڪافري، ڪشميري، ڪبوترا، ڪاشغري، ڪلاشا ڪلاش ور، ڪلڪوٽي، ڪاموپري، ڪتوري، ڪنڊل شاهي، لوارڪي، لاسي، لمينتي، جوڪي، جدگالي، گوجري، گورباتي، گُجراتي، گاؤري، گواريا، گهيرا، گرگلا، سنسي، سوي، ڏواري، توروالي، ڊومڪي، ڊانڊڪي، پيلڪي، ونيچي، دميلي، منڪيالي، ميواتي، مارواڙي، هزارگي، ٽل لمينتي، دري، چولستاني، چاچي، ڪيتراڻي، مدڪ لشٹي، ڪرگلا، گابرخيل، ٽل، ڪوار، جنڊ اوڙهہ، پايا ۽ چليسو ذڪر قابل آهن. ڊاڪٽر الانا 'سي آءِ اي ورلڊ فيڪٽ بُڪ' جي هڪ رپورٽ جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ "پاکستان ۾، سڀ کان وڌيڪ تناسب پنجابي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو آهي. انهيءَ رپورٽ مطابق، پاکستان ۾، 48 سيڪڙو پنجابي ٻولي، 12 سيڪڙو سنڌي ٻولي، 10 سيڪڙو سرائڪي ٻولي، 8 سيڪڙو پشتو ٻولي، 8 سيڪڙو اردو، 3 سيڪڙو بلوچي، 2 سيڪڙو هندڪو، هڪ سيڪڙو براهوئي ٻولي، جڏهن تہ باقي 8 سيڪڙو انگريزي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهايون ويندیون آهن."[16] انهن انگن اکرن جي مطابق سنڌي، پاکستان ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولين ۾ ٻئي نمبر تي آهي. پر تازو 18 نومبر 2024 تي شماريات کاتي طرفان پڌري ڪيل هڪ رپورٽ موجب "ملڪ ۾ 8 ڪروڙ 89 لک ماڻهو پنجابي، 4 ڪروڙ 36 لک پشتو، 3 ڪروڙ 44 لک سنڌي، 2 ڪروڙ 88 لک سرائڪي، 2 ڪروڙ 22 لک اردو جڏهن تہ 81 لک 17 هزار بلوچي ڳالهائيندا آهن."[17] جيتوٽيڪ انهن انگن اکرن تي ڪيترين ئي ڌرين جا اعتراض پڻ آهن، جوتہ ڪجهہ سال اڳ تائين ملڪ ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين

مان ٽين نمبر تي سرائڪي ٻولي هئي ۽ پشتو چوٽين نمبر تي جيڪا ملڪ جي 8 سيڪڙو آبادي ڳالهائيندي هئي، پر موجوده رپورٽ ۾ پشتو کي ملڪ ۾ ٻئي نمبر تي ڳالهائي ويندڙ ٻولي ڄاڻايو ويو آهي، جن جا ڳالهائيندڙ 18 سيڪڙو آهن. جڏهن ته سرائڪي کي پشتو جي جاءِ يعني چوٽين نمبر تي رکيو ويو آهي ۽ سنڌيءَ کي ملڪ جي 14 سيڪڙو آبادي‌ءَ جي زبان ڳڻي ٽين نمبر تي رکيو ويو آهي. شماريات کاتي جا انگ اکر ڪهڙا به هجن پر ان ڳالهه ۾ ته ڪو به شڪ ناهي ته علمي ذخيري جي لحاظ کان يقيناً سنڌي ٻولي ملڪ جي سمورين زبانن کان شاهوڪار آهي، جنهن ۾ لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪي ادب سان گڏ جديد ادب جو بيش قيمت خزانو موجود آهي ۽ هڪ محتاط اندازي مطابق سنڌي ٻوليءَ ۾ روزانو ٻن کان ٽي ڪتابَ پڻ شايع ٿي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ بظاهر سنڌي ٻوليءَ کي مستقبل قريب ۾ ڪو لهر لوڏو ته نظر نه ٿو اچي پر کي خطرا اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪُليل اکين سان نظر نه ايندا آهن.

جنهن صدي ۾ اسان جيئرا آهيون، ان ۾ انفارميشن ۽ ٽيڪنالاجي جي تمام وڏي اهميت آهي. سڄي دنيا جديد ٽيڪنالاجي وسيلي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندي وڃي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ مادري ٻولين کي به ان ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ سان هم قدم ٿي هلڻ جي گهرج آهي. اڄ جڏهن اسان ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي اهميت کي ڄاڻي چُڪا آهيون ۽ مختلف ٻوليون ڪمپيوٽر جون ٻوليون بڻجي چُڪيون آهن، اُتي اُهي ٻوليون جيڪي ايجا کي بورڊ تي نه آيون آهن ۽ يونيڪوڊ ۾ رجسٽرڊ نه ٿيون آهن، سي نئين اڏجندڙ عالمگير سماج واري دوڙ ۾ پوئتي ۽ بنهه پوئتي رهجي سگهن ٿيون. ”اهي ٻوليون جن جي لسانياتي ساخت مضبوط ۽ هاڻوڪي دور جي ضرورتن، ذريعن ۽ ٽيڪنالاجي جي گهرجن مطابق جديد هوندي سي ئي ٻوليون هن نئين جُڙندڙ سماج ۾ مڪمل ڪامياب هجڻ سان گڏ زنده ۽ رهنديون، ڇاڪاڻ ته نئون عالمگير سماج، جنهن جو بنياد ٽيڪنالاجي تي آهي، تمام گهڻو تيز ۽ جديد آهي، جنهن ۾ سماجي ساخت جا نوان ۽ جديد طريقا ۽ نظريا استعمال ڪيا پيا وڃن.“[18] اسان کي خوشي آهي ته سنڌي ٻولي اڄ کان 22 سال اڳ سن 2000 ۾ يونيڪوڊ ۽ آءِ ايس او وٽان رجسٽرڊ آهي، جنهن ڪري اڄ سنڌي ٻوليءَ ۾ عالمي معيار موجب ويب سائيٽس ٺاهڻ کان سواءِ اهي سمورا ڪم ڪيا وڃن ٿا، جيڪي مستقبل ۾ ٻولين جي ترقيءَ جي ضمانت آهن. اڄ ڪلهه سڄي دنيا ۾ ڪمپيوٽيشنل لسانيات تي ڪم ٿي رهيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌ ۾ پڻ حڪومت سنڌ جي ثقافت کاتي طرفان ماجد پرڳڻي انسٽيٽيوشن آف لئنگئج انجنيئرنگ حيدر آباد قائم ڪيو ويو آهي، جنهن کي مڪمل طور فعال ڪرڻ جي گهُرج آهي.

موجوده دور ۾ لسانيات جا ماهر چون ٿا ته مستقبل ۾ اهي سموريون مادري ٻوليون مِٽجي ختم ٿي ويندیون جيڪي ڪمپيوٽيشنل لسانيات مطابق ترقي نه پيون ڪن. ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي موجب، ”ڪمپيوٽيشنل لسانيات، ڪنهن به ٻولي تي ڪمپيوٽر مشين جي ساخت ۽ گهرجن مطابق ڪم ڪري ٿي. هو ٻولين جي متن، لفظن جي جوڙجڪ، انهن لفظن کي ان ٻوليءَ جي گرائمر مطابق پيش ڪرڻ، ڳالهائڻ جي لفظن کي سمجهڻ، ڪنهن به ٻوليءَ کي ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۽ لسانيات جي سمورن قائدن ۽ قانونن مطابق سائنسي ۽ انجنيئرنگ طريقي سان ڪمپيوٽر مشين جي گهرجن مطابق ڪم ڪري ٿي. ڪمپوٽيشنل لسانيات ڪمپيوٽر کي ڪنهن به قدرتي ٻوليءَ جي گرامر ۽ لسانيات جو ماهر بڻائي ٿي ته جيئن هو ڪنهن به انساني يا قدرتي ٻوليءَ کي ان جي ڳالهائيندڙن وانگر سَمجهي ۽ گهربل نتيجا ننڍن ننڍن جملن يا لفظن جي ينڊار جي شڪل ۾ مهيا ڪري. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته ڪمپيوٽيشنل لسانيات قدرتي ٻولي ۽ ڪمپيوٽر يا مشين جي وچ ۾ هڪ تعلق پيدا ڪري ٿي، جنهن تحت ڪمپيوٽر قدرتي ٻوليءَ کي آساني سان سمجهي، ان جو مختلف رخن کان تجزيو ڪري ٿو ۽ سماج جا ٻوليءَ وارا مسئلا تُرت حل ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ڪمپيوٽيشنل لسانيات عالمگير سماج کي جوڙڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.“[19]

اڄ جڏهن اسان مادري ٻولين جي بچاءَ ۽ ترقي تي ويچاريندي سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال ڏسون ٿا ته هروپرو مايوسي ته نه پئي ٿئي پر ادارتي طور ان حوالي سان تمام گهڻو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وقت تائين ڏٺو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا ڪي عاشق پنهنجي هڙئون وڙئون ڏئي به سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپوٽيشنل لينگويج بڻائڻ کان اڳتي روبورٽ لينگويج

بٽائڻ ۾ خودڪار ترجميڪاري واري ڪم جي مڪمل ڪاميابيءَ لاءِ جتن ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ هن وقت تائين جيڪي ڪاميابيون مليون آهن انهن ۾ گوگل ترجميڪاري جي ابتدائي ڪوشش ۽ شامل آهي، جيتوڻيڪ ايا ان ترجميڪاري ۾ گهٽيون مشڪلون درپيش آهن، جنهن کي مڪمل طور درست ڪرڻ لاءِ وقت گهربل آهي، پر ان ڪوشش کي هٿرادو ڏهانت ڏانهن وڌندڙ هڪ وڪ طور شمار ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح سنڌي هوليءَ جي لغتن جو پورٽل پڻ ٺاهيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌي هوليءَ جا ساڌا ڇهه لک لفظ موجود آهن ۽ اهو ايشيا جي هولين مان سڀ کان وڏو آن لائين پورٽل آهي، جيڪو لئنگويج اٽارٽي جي ويب سائيٽ تي موجود آهي. ان کان علاوه سنڌي هوليءَ جي اکر شناسي يعني OCR (Optical Character Recognition) پڻ هٿرادو ڏاهپ ڏانهن وڌڻ جي سلسلي جي هڪ اهم وڪ آهي، جنهن وسيلي ڪنهن ڪتابَ کي اسڪين ڪري تصويري صورت مان تبديليءَ جو ڳي لکت ۾ آڻي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ سنڌي هوليءَ جي با اختيار اداري طرفان 2017ع ۾ پهريون قدم کنيو ويو ۽ هاڻي اداري جي آفيشل ويب سائيٽ تي اها سهولت موجود آهي. جڏهن ته هن وقت سنڌي هوليءَ ۾ ان کان هڪ قدم اڳتي وائيس ٽو ٽيڪسٽ ۽ ٽيڪسٽ ٽو وائيس يعني آواز کان لکت ۽ لکت کان آواز طرف ڪم جاري آهي، جيڪو دنيا جي ترقي ڪيل ڪيترين هولين ۾ ممڪن ٻڌجي چڪو آهي. اها يقيني طور هٿرادو ذهانت طرف هڪ ٻي سگهاري وڪَ هوندي. سنڌي هولي ايا ڊجيٽلائيزيشن جي مرحلي ۾ آهي ۽ ان حوالي سان ڪيتريون ئي ايپليڪيشنز ۽ آن لائين لائبريريون ٺهي رهيون آهن. آن لائين ڪتابن جي لائبريري جي حوالي سان 'سنڌ سلامت ڪتاب گهر' جو ڪم نهايت ساراهه جوڳو آهي، جنهن تي هن وقت تائين شاعري، لوڪ ادب، لسانيات، تحقيق، تنقيد، ناول، ڪهاڻي، ٻاراڻي ادب، تاريخ، فلسفي، سياست، سائنس، شخصيتن ۽ خاڪن جهڙن سيڪشنس ۾ 2621 ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن. اهو ڪم محمد سليمان وساڻ ۽ سندس ڪجهه ساٿي قومي جذبي تحت ڪري رهيا آهن. هنن پنهنجي مقصدن کي واضح ڪندي لکيو آهي ته، "سنڌ سلامت جنهن جو مشن ۽ مقصد سنڌي هوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي جو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي، جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي هوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي هوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابَ ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي."[20] هن وقت تائين جي انگن اکرن مطابق ويب سائيٽ تي 5846073 ڪتابن جو مشاهدو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته انهن آن لائين ڪتابن مان 1928640 ڪتاب ڊائونلوڊ پڻ ڪيا ويا آهن. ان ڳالهه مان هن ويب سائيٽ جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو هاڻي سنڌي ماڻهو اها ڳالهه ۽ سمجهي چُڪا آهن ته سوشل ميڊيا جي مختلف ٽولس توڙي الڳ الڳ ويب سائيٽس تي سنڌي هوليءَ جي استعمال سان سنڌي هوليءَ جو ڪارپس يعني لفظن جو ڀنڊار ٺهي رهيو آهي، جنهن سان يقيني طور عالمي تحقيقي ادارن ۽ سڄي دنيا ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي ڄاڻندڙن ۽ لسانيات جي ماهرن کي سنڌي هوليءَ جي اهميت جو اندازو ٿي رهيو آهي. "وڪي ٽنگز هڪ عالمي غير حڪومتي تنظيم آهي، جنهن دنيا جي 400 کان مٿي هولين سان گڏ سنڌي هولي کي ۽ پنهنجي عالمي ڊيٽا بيس ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي..... گوگل ارٽ پڻ ان حوالي سان سنڌي هوليءَ جي ثقافتي رنگن کي محفوظ ڪرڻ پئي چاهي. يونيورسل ڊپينڊنسي ۽ يونيورسل گرائمر لاءِ ۽ سنڌي هولي چونڊي وئي آهي، جنهن تي ڪم جاري آهي. اها ڳالهه سنڌي هوليءَ جي اهميت ۽ ان تي ٽيندڙ ڪم کي ظاهر ڪري پئي، ان سان سنڌي هولي عالمگير انساني هولين جي ست ۾ شامل ٿي چُڪي آهي، جيڪا خودڪار نظام جي ذريعي دنيا جي سموري ٽيڪنالاجي جو پاٽيهي حصو ٿي ويندي ۽ ان جي دنيا جي مختلف هولين ۾ ترجميڪاري ۽ خودڪار نظام تحت ٿي ويندي. اهڙي طرح هٿرادو ڏاهپ ۽ ٽيڪنالاجي جي مختلف اوزارن ذريعي خودڪار يا آٽوميٽڪ طريقي سان استعمال ٽيندي رهندي. جنهن جو مطلب ٽيو ته روبورٽ ۽ ٻيا ٽيڪنالاجي جا اوزار پاٽيهي سنڌي هوليءَ کي سمجهندا ۽ ڳالهائيندا. اسان جي ڪوشش ۽ محنتن وڪي

ٽنگز، گوگل ارٿ ۽ يونيورسل ڊپينڊنسي ۽ ڪائناتي يا عالمگير گرامر لاءِ رستا ۽ آسانيون پيدا ڪيون آهن، جن تحت هو سنڌي ٻوليءَ کي عالمگير ٻولي بڻائي رهيا آهن.“[21]

جديد ٽيڪنالاجي جي وڌندڙ رفتار ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال کي سامهون رکندي اسان چئي سگهون ٿا ته اسان جي ٻولي ڊجيٽلائيزيشن ۽ مشيني دور ۾ انيڪ چيلينجز کي مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار آهي، شرط اهو آهي ته سنڌي ٻولي جي نه رڳو صوبائي سطح تي پر وفاقي سطح تي پڻ سرڪاري سرپرستي ڪئي وڃي، ان کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي ۽ ٽيڪنالاجي جي جديد ذريعن سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ ادارن کي مضبوط ۽ فعال ڪيو وڃي، ڇو ته اڄ اها ئي قوم ۽ سماج دنيا جي نقشي تي قائم رهندو ۽ ڪاميابي ماڻيندو، جنهن وٽ علم ۽ ٽيڪنالاجي جو هٿيار هوندو. هاڻي اها حقيقت تسليم ٿي چڪي آهي دنيا سان گڏيل جو موثر رستو ٽيڪنالاجي ئي آهي، جنهن جي مثبت استعمال سان نه رڳو مادري ٻولين جي واڌ ويجهه ممڪن ٿي سگهندي بلڪ علم جو ذخيرو پڻ وڌندو ويندو.

حوالا

1. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون‘ (جلد III)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2008ع، ص: 56.
2. حوالو ساڳيو، ص: 27 ـ 126.
3. الانا غلام علي ڊاڪٽر ’قومي ۽ عالمي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت‘، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، 2018ع، ص: 74.
4. وڪي پيڊيا (wikipedia.org) سنڌي ٻولي، سماج ۽ اطلاعت ٽيڪنيڪياس (17 فيبروري 2021).
Link:https://sd.wikipedia.org/w/index.php?title=%D8%B3%D9%86%DA%8C%D9%8A_%D9%BB%D9%88%D9%84%D9%8A%D8%8C_%D8%B3%D9%85%D8%A7%D8%AC_%DB%BD_%D8%A7%D8%B7%D9%84%D8%A7%D8%B9%D8%AA_%D9%BD%D9%8A%DA%AA%D9%86%D9%8A%DA%80%D9%8A%D8%A7%D8%B3&action=edit&section=1
5. روزنامہ ’جنگ‘ لاهور، 9 فيبروري 2009ع، ص: 12.
6. urdu.arynews.tv.(2 مئي 2023)
Link:https://urdu.arynews.tv/which-is-the-oldest-language-in-the-world/?fbclid=IwY2xjawG5bptleHRuA2FlbQIxMAABHRZGHHWHlzZFT01BdCWXJ0JGbC2JFXaQoQnT9Pzk7O4UxswOg7T06C4T-Q_aem_i3WaD1e_WTwb8pGFGwJJOQ
7. چترالي ضيا، (15 مارچ 2023). blog.edutarbiyah.com
Link:https://blog.edutarbiyah.com/an-overview-of-languages-spoken-around-the-world/?fbclid=IwY2xjawG5brhleHRuA2FlbQIxMAABHbyLFz0rqtPJPnRZgG8T96BAaHCkfZjdrb1ov61j0_doA61eLCqDe7mu6g_aem_1FF_il7x4pD5DIhyWSF-jw
8. visualcapitalist.com
Link : https://www.visualcapitalist.com/cp/all-the-worlds-endangered-languages-by-country/
9. www.urdunews.com(2 مئي 2023)
Link:https://www.urdunews.com/node/761546?fbclid=IwY2xjawG5cilleHRuA2FlbQIxMAABHdf49ZS49Oe2a38KBh8Uhr1KMohOj9aVclE0flEWI76qqXQjvMf_jnMVNw_aem_xqldJk-EnNfltrfRZwZzbg
10. وڪي پيڊيا (wikipedia.org) سنڌي ٻولي، سماج ۽ اطلاعات ٽيڪنيڪياس (2 ڊسمبر 2024).
11. ملاح مختيار احمد، (مرتب) ’سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون‘ (جلد v)(مقالو: پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿابندي ۽ سنڌي ٻولي ـ ڊاڪٽر قاسم بگهيو) سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2011، ص:325 ۽ 326.
12. ڪنيار شبير، ’ڊجيٽل سنڌي ٻولي‘، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، 2022ع، ص:25 ۽ 26.
13. حوالو ساڳيو ص:28.
14. ڊوتيو مظهر علي ڊاڪٽر، ’عالمگيريت ۽ سنڌي سماج‘، پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي، 2020ع، ص 155 ۽ 156.

15. الانا غلام علي ڊاڪٽر، 'قومي ۽ عالمي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت'، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، 2018ع، ص:99 ۽ 100.
16. حوالو ساڳيو، ص:97.
17. www.roznama92news.com(18 نومبر 2024)
Link:https://www.roznama92news.com/post/%D9%85%D8%A7%D8%AF%D8%B1%DB%8C-%D8%B2%D8%A8%D8%A7%D9%86%D9%88%DA%BA-%DA%A9%DB%92%D8%AD%D9%88%D8%A7%D9%84%DB%92-%D8%B3%DB%92%D8%A7%D8%AF%D8%A7%D8%B1%DB%81%D8%B4%D9%85%D8%A7%D8%B1%DB%8C%D8%A7%D8%AA%DA%A9%DB%8C%D8%B1%D9%BE%D9%88%D8%B1%D9%B9?fbclid=IwY2xjawG5f2VleHRuA2FlbQIxMAABHYYPf3wTSx2ofAeQXaT3WXKqareiB0__QgvezGsjLVLel-UZi5bh_BK7VA_aem_BrGsO-ekEFEQ_dfd966mtg
18. ڈوتيو مظهر علي ڊاڪٽر، 'عالمگيريت ۽ سنڌي سماج'، پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي، 2020ع، ص:157.
19. حوالو ساڳيو، ص:178.
20. https://books.sindhsalamat.com/about (1.12.2024)
21. ڈوتيو مظهر علي ڊاڪٽر، 'عالمگيريت ۽ سنڌي سماج'، پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي، 2020ع، ص:159.